## عرب ۾ شعر شاعري

الله تعاليٰ جل شانه عربستان جي ماڻهن کي فصاحت ۽ بلاغت سان گڏ شعر ۽ شاعري ۾ به وڏو ڪمال عطا ڪيو آهي. عربستان جا ماڻهو فن شاعري ۾ مشهور آهن. اسلام کان اڳي به فن شاعري جا ماهر ۽ ڪامل استاد موجود هئا ۽ اسلام آڻڻ کان پوءِ به مسلمان عربن مرد توڙي عورتن وڏا قابل استاد پيدا ڪيا. نه فقط عربستان جي مردن کي اها ڏات نصيب ٿي آهي بلڪه عربي عورتن کي به انهيءَ فن ۾ قادر وڏي قدرت ۽ ڪمال بخشيو آهي. اهي بلند خيال ۽ قابل ترين في البديه شعرگو هئا. ايتري تائين جو عرب جڏهن ڳالهائيندا هئا ته گهڻو ڪري شاعري ۾ ڳالهائيندا هئا. انهن جي محفلن ۾ خاص ڪري عڪاظه جي بازار ۾ جڏهن ميلو لڳندو هيو ته هري هري کان شاعر ايندا هئا ۽ پنهنجا پنهنجا نغمه، گيت، بيت ۽ قصيدا پڙهندا هئا. جناب ابوطالب نبي ڪريم( صلى الله عليه وسلم) جن جي لاءِ ڪجهه شعر چيا. جيڪي سيرت النبي ۾ ابن هشام نقل ڪيا آهن.

وأبيَضَ سيقي الغمام بوجهه

ثمالا اليتا ما عصمت لک رامل

ترجمو : هو روشن ۽ تابناڪ چهري وارو جنهنجي صدقي ڪڪرن کان پاڻي گهريو وڃي ٿو هو يتيمن جو وارث ۽ بيواهن جو سهارو آهي.

## شريعت اسلام ۾ شعر ۽ شاعري جو درجو

نبي ڪريم ؐ جن شاعري ٻڌي آهي ۽ شاعرن کي همٿايو آهي. حضرت ابو سفيان اڃان مسلمان نه ٿيو هيو ان وقت ان نبي ڪريم( صلى الله عليه وسلم) جن جي هجو بيان ڪئي ته نبي ڪريم( صلى الله عليه وسلم) جن حضرت حسانبن ثابت کي چيو ته تون انهن تي جواب ڏي شاعري ۾ جبريل تهنجي مدد ڪندو.پوءِ حضرت حسان بن ثابت ابو صفيان جي هجو بيان ڪئي ۽ ڪافرن جي هجو بيان ڪئي ۽ انهن کي جواب ڏنا.

حضرت فاطمؓ ،حضرت عليؓ ، حضرت عمرؓ ،حضرت عباسؓ ،حضرت حسان بن ثابتؓ ،حضرت ڪعب بن مالڪؓ، حضرت عبدالا بن عمرؓ ،حضرت عاتڪہ، ابو حسان، خنمہ عرب جي مشهور شاعره، مطلب تہ تقريباً سڀ صحابہ شاعر هئا.

قرآن پاڪ جي سورت الشعراء جي آيت نمبر ٢٢٣ ۾ الله تعاليٰ فرمايو

والشعرآءُ يتبعهمُ الغاوُن. الم ترانّهم في ڪل وادٍ يهيمون.
و انّهم يقولون مالا يفعلون الاالذين آمنو وَ عملو الصّٰلحٰت وَ ذڪرو للّه
ڪثيرًا وَّ انتصرو من بعد ما ظلمو و سيعلم الذين ايٌ منقَلب ينقلبون

مذڪوره آيت ۾ شروع ۾ شعر ۽ شاعري جي سخت مذمت ۽ منع ٿيل آهي ۽ آخر ۾ استثناه جي ذريعي ظاهر ٿيو تہ مطلق شاعري خراب نہ آهي.

جڏهن هيٌ آيت نازل ٿي تہ حضرت عبداللّهبن رواحہ حضرت حسان بن ثابت ۽ حضرت ڪعب بن مالڪ جيڪي مشهور صحابي شاعر هئا اهي روئندا نبي ڪريم( صلى الله عليه وسلم) جن وٽ آيا ۽ عرض ڪيائون تہ اي الله جا رسول الله ذوالجلال هيٌ آيت نازل ڪئي آهي ۽ اسان بہ شعر چوندا آهيون. پاڻ سڳورن فرمايو تہ آيت جي آخري حصي کي پڙهو۔مطلب اهو هيو تہ توهان جا شعر بيهوده ۽ غلط مقصد جي لاءِ نہ آهن انڪري توهان ان استثناه ۾ داخل آهيو جيڪا آخري آيت ۾ ذڪر ٿيل آهي.

مفسرين فرمايو آهي تہ ابتدائي آيت ۾ مشرڪين شعراء مراد آهن ڇو تہ اهي گمراه ماڻهو آهن شرڪش شيطان ۽ نافرمان جن تي انهن جي اتباء ڪندا هئا ۽ روايت ڪندا هئا. (فتح الباري)مطلب تہ بيهوده شاعري ناجائز ۽ سٺي ۽ معياري شاعري جائز آهي.

اها شاعري جيڪاالله تعاليٰ جي ذڪر کان روڪي يا ناحق ڪنهن انسان جي مذمت ۽ توهين بيان ڪندي هجي يا فحش ڪلام ۽ فواحش جي لاءِ محرڪ هجي اها ممنوع ۽ مڪروه آهي۔ جيڪي شعر انهن معاصي ۽ مڪروهات کان پاڪ هجن انهن تي الله تعاليٰ

اكيڊمي اردو بازار لاهور۳فيبروري۱۹۸٦ )

۵:تفسير سهل البيان في التفسير القرآن (ڇاپو پهريون آڪٽوبر ۲۰۰۳ )_مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ (سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي)

٦:تفسير ابن ڪثير (جلد۳ قدوسيه غزني اسٽريٽ اردو بازار لاهور )_حافظ عمادالدين اسماعيل بن عمر بن ڪثير مترجم مولانا محمد صاحب جوناڳڙهي

۷:منهنجي ڪتب خاني ۾ فوٽو ڪاپي موجود _مولانا عبيدالله سنڌي ۱۳۰۳ هه م _مولانامحمد مهاجر مدني کي پڙهايو _هي تفسير سائين عزيزالله مري سائين قد ''' سهتوکي تحفو ڏنو.

۸ :تفسير عثماني_ علامه شبير احمد عثماني

۹ :سهه ماهي الرحيم _شاه ولياللّٰه اڪيڊمي صدر حيدرآباد سنڌ ايڊيٽر غلام مصطفٰي قاسمي ۱۹۹٦

۱۰ :سنڌ فورم نمبر۳_ايڊيٽر نوراحمد ميمڻ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ڊسمبر۱۹۹۸

۱۱ :شريعت يا جهالت_مولانا محمد پالن پوري حقاني گجراتي

۱۲ :ڪشف المحجوب_سيد علي بن عثمان هجويري ترجمه مولانا عبدالروف فاروقي( اسلامي ڪتب خانه اردو بازار لاهور )